باب
9

# انجيڪشن هڻڻ جون هدايتون ۽ احتياط



## انجيڪشن ڪڏهن هڻڻ ۽ ڪڏهن نہ هڻڻ گهرجي

عام طور تي انجيڪشن هڻڻ ضروري نہ ٿي سمجهي وڃي. ڪيترين بيمارين جو وات رستي واپرائجندڙ دوائن رستي بہ انجيڪشن جهڙو يا ان کان بہ بهتر علاج ڪري سگهبو آهي.

**دوا جي انجيڪشن هڻڻ، دوا کائڻ کان وڌيڪ خطرناڪ آهي.**

انجيڪشن رڳو سخت ضرورت وارين حالتن ۾ هڻڻ گهرجي. سواءِ هنگامي حالتن جي، انجيڪشن رڳو هيلٿ ورڪر يا ڪنهن اهڙِي سکيا ورتل فرد کي هڻڻ گهرجي.

**انجيڪشن رڳو تڏهن هڻڻ گهرجي جڏهن:**

1. اهڙِي دوا کائڻ ۽ پيئڻ جي صورت ۾ ملي نہ سگهندي هجي.
2. جڏهن مريض کي هر هر الٽي ايندي هجي، ڳهي نہ سگهندو هجي يا بيهوش هجي.
3. ورلي ڪن اهڙين غير رواجي هنگامي ۽ مخصوص حالتن جي (ان لاءِ ڏسو ايندڙ صفحو).

## جڏهن ڊاڪٽر انجيڪشن لکي ڏئي تڏهن ڇا ڪجي

ورلي، ڊاڪٽر ۽ هيلٿ ورڪر هروڀرو انجيڪشن لکي ڏيندا آهن تہ جيئن انجيڪشن رستي وڌيڪ پئسا ڪمائي سگهن. ساڳئي وقت اها ڳالهہ بہ وساري ڇڏين ٿا تہ ڀهراڙين ۾ انجيڪشن هڻائڻ سان ڪيترا نہ خطرا ۽ مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا.

1. جيڪڏهن ڪو هيلٿ ورڪر يا معالج توهانکي انجيڪشن هڻڻ چاهيندو هجي تڏهن يقين ڪجي تہ، دوا صحيح آهي ۽ انجيڪشن هڻندڙ ان جا سڀ احتياط ڪيا آهن.

2. جيڪڏهن ڊاڪٽر انجيڪشن لکي ڏئي، تہ ڪيس ٻڌائجي تہ توهان جتي رهو ٿا اتي ڪو بہ اهڙو ماهر ڪونهي جيڪو انجيڪشن هڻي سگهي ۽ ڪانئس پڇجي تہ ڇا ساڳئي دوا کائڻ ۽ پيئڻ جي صورت ۾ ملي نہ ٿي سگهي.

3. جيڪڏهن ڊاڪٽر وٽامن، جيري جي ست يا وٽامن بي 12 جي انجيڪشن هڻائڻ لاءِ چوي ۽ انلاءِ هن توهانجي رت جي تپاس بہ نہ ڪئي هجي تڏهن ڪيس چئجي تہ توهان ڪنهن ٻئي ڊاڪٽر کان علاج ڪرائڻ پسند ڪندو.

## هنگامي حالتون جن ۾ انجيڪشن هڻڻ ضروري ٿئي ٿي.

هيٺ ڏنل بيمارين جي حالت ۾ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي، طبي مدد حاصل ڪجي. جيڪڏهن ڪنهن بہ سبب مدد ملڻ يا بيمار کي هيلٿ سينٽر نيئڻ ۾ دير ٿيندي هجي تہ ترت ڪنهن مناسب دوا جي انجيڪشن هڻجي. انجيڪشن جي وزن بابت هيٺ ڏنل بيان پڙهو. انجيڪشن هڻڻ کان اڳ۾ ان جي پيدا ٿيندڙ ممڪن اگرن اثرن (سائيڊ افيڪٽ) کي ذهن ۾ رکجي ۽ ان آهر احتياطي اپاءَ وٺجن

| هنن بيمارين لاءِ ↓ | هنن دوائن جي انجيڪشن هڻجي ↓ |
|---|---|
| شديد نمونيا (ص. 171)<br>ويم کانپوءِ ٿيندڙ انفيڪشن (ص. 276)<br>گئنگرين (ص. 213) | پينسلين، وڏي وزن ۾ (ص. 352) |
| ٽيٽنس (ص. 182) | پينسلين (ص. 351)<br>۽ ٽيٽنس اينٽي ٽاڪسن (ص. 389)<br>۽ فينو باربيٽال (ص. 389)<br>يا ڊائزيپام (ص. 390) |
| اپينڊي سائيٽس (ص. 94)<br>پيريٽو نائيٽس (ص. 94) ۽<br>پيٽ ۾ بندوق جي ڇرن/ گولي يا اهڙي ٻئي زخم جي حالت جنهن سان پيٽ ۾ سوراخ ٿي پيو هجي. | ايمپيسلين، وڏي وزن ۾ (ص. 353)<br>يا پينسلين، اسٽريپٽو مائيسن سان گڏ (ص. 354) |
| زهريلي نانگ جو چڪ (ص. 105)<br>وڇونءَ جو ڏنگ (ٻارن لاءِ ص. 106) | نانگ جي اينٽي وينم (ص. 388)<br>وڇونءَ جي اينٽي وينم (ص. 388) |
| گردن توڙ (ص. 185)<br>جڏهن سلهہ جو شڪ نہ هجي | ايمپيسيلين (ص. 353، 354)<br>يا پينسلين (ص. 352) تمام وڏي وزن ۾ |
| گردن توڙ (ص. 185)<br>جڏهہ سلهہ جو شڪ هجي | ايمپيسيلين يا پينسلين اسٽرپٽومائيسن سان گڏ (ص. 353، 354) ۽ ممڪن هجي تہ سلهہ جون ٻيون دوائون (ص. 361) |
| الٽيون (ص. 161) جڏهن بند ٿي نہ سگهن | اينٽي هسٽامن دوائون، خاص طور تي پروميٿازين (ص. 385) |
| ائلرجي جو سخت رد عمل،<br>ائلرجي جو سڪتو (ص. 70)<br>۽ دم جي سخت حالت (ص. 167) | اِپي نيفرين (ايڊرنئلين (ص. 385)<br>۽ ممڪن ٿي سگهي تہ ڊائفين هائڊرامائين (بينا ڊرل) (ص. 387) |

هينين پراڻين بيمارين ۾ بہ انجيڪشن جي ضرورت پئجي سگهي ٿي. جڏهن تہ انهن سبب ورلي ڪي هنگامي حالتون پيدا ٿين ٿيون. بهتر سمجهيو وڃي ٿو تہ علاج لاءِ هيلٿ ورڪر سان صلاح ڪجي.

| | |
|---|---|
| سلهہ (ص. 179، 180) | اسٽريپٽومائيسن (ص. 363) سلهہ جي ٻين دوائن سان گڏ (ص. 361) |
| بادفرنگ (ص. 237) | بينزا ٿين پينسلين، تمام وڏي وزن ۾ (ص. 238) |
| پرميل(ص. 236) | ڪيناما ئيسين يا پينسلين (ص. 360) |

## هيٺين حالتن ۾ بنهہ انجيڪشن نہ هڻڻ گهرجي جڏهن:



- طبي امداد ترت ملي سگهي ٿي.
- بيماري شديد ۽ خطرناڪ ناهي
- زڪام ۽ ليس هجي
- دوا، ان بيماري جي ناهي جنهن جو علاج ڪرڻ چاهيو ٿا
- نيدل (سُئي) ڪي اوٻاريو يا اسٽرلائيز نہ ڪيو ويو آهي.
- جيڪڏهن توهانکي دوا جي ڄاڻ ناهي ۽ گهربل احتياطي اپاءَ نٿا وٺو.

## اهي دوائون جن جي انجيڪشن هڻڻ نہ گهرجي:

عام طور تي بهتر سمجهيو وڃي ٿو تہ هيٺين دوائن جي انجيڪشن نہ هڻجي:

1. **وٽامنون**: وات رستي استعمال ٿيندڙ وٽامنن جي پيٽ ۾ انجيڪشن رستي حاصل ٿيندڙ وٽامنن جو اثر ورلي ڪو انهن کان بهتر ثابت ٿئي ٿو. جڏهن تہ انجيڪشن وڌيڪ مهانگي ۽ گهٽي خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي. انجيڪشن بجاءِ وٽامنن جون گوريون ۽ شربت استعمال ڪجن. جڏهن تہ سڀ کان سٺي ڳالهہ جهجهين وٽامنن وارا کاڌا کائڻ آهي (ڏسو ص. 111).

2. **جگر جو ست، وٽامن بي 12 ۽ فولاد** (جهڙوڪ انفيران): انهن جي انجيڪشن هڻڻ سان ناسور ۽ خطرناڪ رد عمل (سڪتو، ص. 70) پيدا ٿي سگهي ٿو. رت جي کوٽ/ پوٽائيءَ جي هر حالت ۾ فيرس سيلفيٽ جون گوريون وڌيڪ فائديمند ثابت ٿين ٿيون (ص. 393).

3. **ڪئلشم**: رڳ ۾ ڪئلشم جي انجيڪشن بلڪل آهستي نہ هڻئي وڃي تہ انتهائي خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي. ٻنڊڻ ۾ انجيڪشن هڻڻ سان وڏو ناسور ٿي سگهي ٿو. سيڪڙات کي ڪئلشم جي انجيڪشن بنهہ نہ هڻڻ گهرجي.

4. **پينسلين**: تقريباً، اهڙا سڀ انفيڪشن جن لاءِ پينسلين جي انجيڪشن هڻڻ ضروري سمجهي وڃي ٿي، تن سينيءَ جو پينسلين جون دوائون ڪارائي علاج ڪري سگهجي ٿو. پينسلين، انجيڪشن جي صورت ۾ وڌيڪ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي. پينسلين جي انجيڪشن صرف خطرناڪ انفيڪشن جي حالت ۾ هڻڻ گهرجن.

5. **پينسلين گاڏڙ اسٽريٽپومائيسن**: عام اصول مطابق هن قسم جي گاڏڙ دوا استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪجي. ليس بخار لاءِ بنهہ استعمال نہ ڪجي، جو موثر ثابت نہ ٿي ٿئي، رهندو ڪي سنگين اثر پيدا ڪري ورلي ٻوڙائپ يا موت جو منهن ڏيکاري سگهي ٿي. حد کان وڌيڪ استعمال ڪرڻ سبب سلهہ ۽ ڪن سنگين بيمارين جو علاج ڪرڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو.

6. **ڪلورام فينيڪول يا ٽيٽراسائيڪلين**: هي دوائون وات رستي استعمال ڪرڻ سان بہ انجيڪشن جيترين بلڪ ان کان بہ وڌيڪ اثرائتيون ثابت ٿين ٿيون. ان لاءِ انجيڪشن بجاءِ ڪيپسول يا شربت استعمال ڪجن (ص. 356 ۽ 357).

7. **رڳ رستي لڳندڙ (I.V) پاڻيون**: اهڙين دوائن کي ڊرپ بہ سڏجي ٿو. اهي رڳو تڏهن هڻڻ گهرجي جڏهن جسم ۾ پاڻيءَ جي سخت کوٽ ٿي هجي. ڊرپ، ماهر کي هڻڻ گهرجي، نہ تہ ان سبب خطرناڪ انفيڪشن ٿي سگهي ٿو ۽ ماڻهو مري بہ سگهي ٿو (ص. 53).

8. **رڳ رستي لڳندڙ دوائون**: رڳ رستي ڪنهن بہ دوا جي انجيڪشن هڻڻ ۾ تمام گهڻا خطرا ٿي سگهن ٿا. تنهنڪري اها ڪنهن ماهر هيلٿ ورڪر کي هڻڻ گهرجي. اها ڳالهہ بہ ذهن ۾رکڻ گهرجي تہ، جنهن دوا تي: 'صرف رڳ ۾ هڻڻ لاءِ' لکيل هجي تہ اها مشڪ (جهڙوڪ ٻنڊڻ) ۾ هڻڻ نہ گهرجي. ساڳئي طرح سان جنهن دوا تي 'صرف مشڪ ۾ هڻڻ لاءِ' لکيل هجي تہ اهڙي دوا هرگز رڳ ۾ نہ هڻجي.

# خطرا ۽ احتياط

ڪنهن به دوا جي انجيڪشن هڻڻ سان به خطرا ٿي سگهن ٿا: (1) انجيڪشن جي نيڊل / سئي رستي جسم ۾ بيمارين جا جيوڙا داخل ٿيڻ سبب انفيڪشن ٿي سگهي ٿو ۽ (2) دوا سبب ائلرجي يا زهريلو اثر پيدا ٿي سگهي ٿو.

1. تنهنڪري انجيڪشن هڻندي وڌ ۾ وڌ اپاءَ وٺي، انفيڪشن پيدا ٿيڻ جو امڪان گهٽائجي، جنهن لاءِ هر شئي مڪمل طور تي صاف هجي. انجيڪشن هڻڻ کان اڳ ۾ سرنج ۽ نيڊل کي اوٻارڻ تمام ضروري ٿئي ٿو. اوٻارڻ کانپوءِ سئيءَ کي نه ته آڱرين سان ڇهجي ۽ نه ئي ڪا شئي لڳائجي.



هن قسم جي ناسور ٿيڻ جو سبب اهڙي سئيءَ سان انجيڪشن هڻڻ آهي جيڪا چڱيءَ طرح سان اوٻاري بيماريءَ جي جيوڙن کان پاڪ صاف نه ڪئي ويئي هئي.

**اوٻارڻ کانسواءِ ڪنهن به مريض کي انجيڪشن نه هڻجي. هر مريض کي انجيڪشن هڻڻ کان اڳ ۾ نئين سر،** سرنج ۽ نيڊل اوٻارجي، انجيڪشن هڻڻ جي سيني هدايتن تي (ڏسو ايندڙ صفحا) سختيءَ سان عمل ڪجي.

انجيڪشن ناهڻ ۽ هڻڻ کان اڳ ۾ **پنهنجا هٿ ملي صاف ڪجن.**

2. ڪنهن دوا جا ڪهڙا ڪهڙا رد عمل / اگرا اثر پيدا ٿي سگهن ٿا اها ڄاڻ رکڻ ضروري ٿئي ٿي تنهنڪري انجيڪشن هڻڻ کان اڳ ۾ اهڙا احتياط وٺڻ ضروري ٿين ٿا.

جيڪڏهن دوا هڻڻ سان ائلرجيءَ يا زهريلي اثر جي هيٺئين نشانين مان ڪا به نشاني ظاهر ٿئي ته اها يا اهڙي قسم جي ٻي ڪا به دوا زندگيءَ ڀر هڻڻ نه گهرجي.

- ماناري جهڙا نشان (چمڙي تي ديڙ يا ڳاڙها نشان جن ۾ خارش هجي)
- ڪنهن هنڌ تي سوڄ
- ساهه کڻڻ ۾ تڪليف
- سڪتي جون نشانيون (ص. 70)
- اوڪارن سان گڏ رڪي رڪي قيري (الٽي ڪرڻ جي خواهش)
- ديد ۾ خرابي
- ڪنن جو وڄڻ يا ٻوڙائپ
- پنيءَ ۾ سخت سور
- پيشاب تڪليف سان اچڻ



**ماناري جهڙا يا ڳاڙها نشان جن ۾ خارش هجي، انجيڪشن هڻڻ جي چند ڪلاڪن يا ڪيترن ڏينهن کانپوءِ به پيدا ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن اهڙي فرد کي ساڳئي دوا وري ڏجي ته اها ڪو سنگين ردعمل پيدا ڪري سندس موت جو به سبب بڻجي سگهي ٿي (ڏسو ص. 70).**



هن قسم جي مسئلن پيدا ٿيڻ کان بچڻ لاءِ:

هن ٻار کي هڪ اهڙيءَ نيڊل / سئيءَ سان انجيڪشن هنئي ويئي هئي جيڪا اسٽرلائيز نہ ڪئي ويئي هئي (اوٻاري جيوڙن کان پاڪ صاف نہ ڪئي ويئي هئي).

ڪني نيڊل هڻڻ سان انفيڪشن ٿيڻ واري هنڌ تي وڏو ۽ تڪليف ڏيندڙ پونئدار ناسور پيدا ٿيو ۽ ٻار کي بخار ٿي پيو. اڳتي هلي ناسور ڦاٽي پيو، جيڪو هينين تصوير ۾ ڏيکاريل آهي.

هن ٻار کي زڪام سبب انجيڪشن هنئي ويئي هئي. ڪيڏو نہ سٺو ٿئي ها جيڪڏهن ڪيس ڪا بہ دوا نہ ڏجي ها. فائدي ٿيڻ بجاءِ انجيڪشن سبب رهندو ٻار کي تڪليف ٿي.

| |
|---|
| **احتياط: جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي تہ انجيڪشن هڻڻ بجاءِ دوا کارائي يا پياري وڃي، خاص طور تي ٻارن کي.** |

## انجيڪشن رڳو انتهائي ضرورت وقت هڻجي.



- انجيڪشن هڻڻ کان ٿورو اڳ ۾ سرنج ۽ نيڊل کي اوٻارجي ۽ خاص احتياط ڪجي تہ جيئن اهي بلڪل صاف رهن.
- رڳو ان دوا جي انجيڪشن هڻجي جيڪا مرض لاءِ ٻڌائي ويئي هجي. اها بہ پڪ ڪجي تہ دوا صحيح حالت ۾ آهي ۽ خراب نہ ٿي ويئي آهي
- انجيڪشن صحيح هنڌ تي هڻجي. ابهم ۽ ننڍڙي ٻارڙي کي ٻنڌڙ ۾ انجيڪشن هڻڻ بجاءِ ستر جي مٿئين ٻاهرين حصي ۾ هڻجي. ڏسو تہ هن ٻار کي ٻنڌڙ ۾ ڪيتري نہ هيٺ انجيڪشن هنئي ويئي جتي تنتن (nerves) کي نقصان پهچڻ جو امڪان رهي ٿو.

# ڪن دوائن جي انجيڪشنن جا خطرناڪ رد عمل

هيٺ ڏنل دوائن جي گروپ سان واسطو رکندڙ انجيڪشنون هڻڻ جي ٿوري وقت ڪانپوءِ ورلي، هڪ اهڙو خطرناڪ ردعمل پيدا ٿئي ٿو جنهن کي 'ائلرجيءَ جي شاڪ' جي نالي سان سڏجي ٿو.



- پينسلين دوائون (۽ ايمپي سيلين)
- اينٽي ٽاڪسن دوائون جيڪي گهوڙي جي سيرم مان تيار ڪيون وڃن ٿيون.

وڇون جي ڏنگ جي اينٽي وينم
نانگ جي ڏنگ جي اينٽي وينم
ٽيٽينس جي اينٽي ٽاڪسن

ان فرد کي خطرناڪ رد عمل پيدا ٿيڻ جو خطرو وڌيڪ ٿي سگهي ٿو جنهن اڳ ۾ ڪڏهن اهڙي دوا يا ان گروپ جي ڪنهن دوا جي انجيڪشن هڻائي هجي. اهڙن حالتن ۾ خاص طور تي تڏهن خطرو وڌي وڃي ٿو. جڏهن انجيڪشن جي ڪجهه ڪلاڪن يا ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ائلرجيءَ (ماناري جهڙا نشان، ڳاڙها داڻا نڪرڻ، خارش، سوج يا ساهه کڻڻ ۾ تڪليف) ٿي پئي هجي.



ڏينهوءَ يا ماکيءَ جي مک جي چڪ هڻڻ يا ڪنهن دوا جي کائڻ ۽ پيئڻ سان به ورلي، ائلرجيءَ جو شاڪ پيدا ٿي سگهي ٿو.



**انجيڪشن جي خطرناڪ ردعملن کي روڪڻ لاءِ هيٺيان اپاءُ وٺڻ گهرجن:**

1. رڳو انتهائي ضروري حالتن ۾ انجيڪشن هڻجي.

2. متي بيان ڪيل ڪنهن به دوا جي انجيڪشن هڻڻ کان اڳ ۾ هميشه ايپينفرين (ايڊرينلن ص. 385) جا 12 ائمپيول ۽ ڪنهن اينٽي هسٽامن جهڙوڪ پروميٿازين (فنرگن، ص. 386) يا ڊاءِ فين هائڊرا مائين (بيناڊرل، ص. 387) جو ائمپيول تيار رکجي.

3. انجيڪشن هڻڻ کان اڳ ۾ هميشه پڇجي ته ڪيس اڳ ۾ اهڙي ڪنهن انجيڪشن هڻڻ سبب خارش يا ٻيو ڪو رد عمل ته نه ٿيو هو. جيڪڏهن سندس جواب هائوڪار ۾ هجي ته ڪيس نه رڳو ان دوا پر ان ڪٽنب جي ڪا به دوا نه کارائجي نه پيارجي ۽ نه ئي ان جي انجيڪشن هڻجي.

4. گنڀير حالتن، جهڙوڪ جهٽڪن جي بيماريءَ ۾ يا جڏهن نانگ ڪکيو هجي ۽ خدشو هجي ته ڪيس اينٽي ٽاڪسن هڻڻ سان ائلرجيءَ جو رد عمل ٿي سگهي ٿو (جيڪڏهن مريض کي ائلرجي يا دم هجي يا گهوڙي جي سيرم لڳي چڪي هجي) ته اهڙين حالتن ۾ اينٽي ٽاڪسن جي انجيڪشن هڻڻ کان 15 منٽ اڳ ۾ پروميٿازين يا ڊاءِ فين هائڊرا مائين جي انجيڪشن هڻجي. وڏن لاءِ 25 کان 50 ملي گرام ۽ ٻارن لاءِ 10 کان 25 ملي گرام آهي. دوا جو وزن فرد جي وزن آهر ڏجي (ڏسو ص. 387).

5. ڪنهن به دوا جي انجيڪشن هڻڻ ڪانپوءِ هميشه 30 منٽن تائين اهڙي فرد سان گڏ رهجي ۽ ائلرجي جي شاڪ جي هيٺين نشانين کان خبردار رهجي:

- سياٽو، گهميل چمڙي جيڪا پيلي يا خاڪي رنگ جي ٿي وڃي (ٿڌا پگهر)
- هيٺي/ ڪمزور پر تيز نبض يا دل جو دهڪو
- ساهه کڻڻ ۾ تڪليف
- بيهوشي

6. جيڪڏهن اهڙيون نشانيون پيدا ٿين ته هڪدم ايپينفرين (ايڊرينلن) جي انجيڪشن هڻجي، وڏن کي 1/2 ملي لٽر ۽ ٻارن کي 1/4 ملي لٽر. مريض جي شاڪ جو علاج ڪجي (ڏسو ص. 77). ان ڪانپوءِ ڪا به اينٽي هسٽامن عام وزن جي ابتڙ ٻيڻي وزن ۾ هڻي ڇڏجي.

# پينسلين جي انجيڪشن جي خطرناڪ رد عمل کان ڪيئن بچجي

1. هلڪن کان وچٽرن انفيڪشنن لاءِ:

پينسلين جون گوريون کارائجن،



نہ ڪي پينسلين جي انجيڪشن هڻجي.



2. انجيڪشن هڻڻ کان اڳہ پڇجي:

”چا توهانکي پينسلين جي انجيڪشن هڻائڻ کانپوءِ ڪڏهن داڻا نڪتا، خارس ٿي، ڪٿي سوج ٿي يا ساهہ کڻڻ ۾ تڪليف ٿي هئي؟“



جيڪڏهن مريض جو جواب ”هائوڪار“ ۾ هجي تہ ڪيس پينسلين، ايمپي سيلين يا ايماڪسي لين نہ هڻجي. ان بجاءِ ڪا ٻي اينٽي بايوٽڪ جهڙوڪ: ارٿرومائيسن (ص. 355) يا ڪا بہ سلفونامائيڊ (ص. 385) هڻجي.

3. پينسلين هڻڻ کان اڳہ




ايپينيفرين جو ائمپول (ائڊرينئلن تيار رکجي).

4. انجيڪشن هڻڻ کانپوءِ




ساڻس گهٽ ۾ گهٽ 30 منٽن تائين گڏ رهجي.



5. جيڪڏهن مريض جو رنگ گهٽو پيلو، دل جو دهڪو تمام تيز، ساهہ کڻڻ ۾ تڪليف يا بيهوش ٿيندو هجي تہ هڪدم ايپي نيفرين (ائڊرينئلن) جي اڌ شيشي (ٻارڙن لاءِ چوٿون حصو) انجيڪشن رستي مشڪ (يا ڪل هيٺان) هڻجيس (ڏسو ص. 167). ضرورت محسوس ڪجي تہ 10 منٽن کانپوءِ وري ساڳي انجيڪشن هڻي سگهجي ٿي.

# انجيڪشن هڻڻ لاءِ سرنج ڪيئن تيار ڪجي

سرنج تيار ڪرڻ کان اڳ۾ **پنهنجا هٿ صابڻ سان ملي صاف ڪجن.**

1. سرنج جا سڀ حصا الڳ الڳ ڪري نيڊل سميت 20 منٽن تائين پاڻيءَ ۾ اوٻارجن.



2. سرنج يا نيڊل کي ڇهڻ بنا پاڻي هاري ڇڏجي.



3. سرنج ۽ نيڊل اهڙي طرح سوگهي ڪجي جيئن هٿ رڳو نيڊل جي پوئين حصي ۽ سرنج جي دستي تائين محدود هجي.



4. ڊسٽلڊ واٽر (انجيڪشن جو پاڻي) جي شيشيءَ کي چڱيءَ طرح صاف ڪري پوءِ ڀڃيءَ وٺان ڀڃجي.



5. سرنج ۾ انجيڪشن جو پاڻي اهڙي احتياط سان ڀرجي جيئن نيڊل، شيشيءَ جي ٻاهرين حصي کي لڳي نہ سگهي



6. دوا واري شيشيءَ جي ربڙائين حصي کي صاف ڪپڙي سان، جيڪو الڪوحل ۾ آلو ڪيل يا اوٻاريل پاڻيءَ ۾ ٻوڙيل هجي، اگهي صاف ڪجي.




7. پائوڊر واري شيشيءَ ۾ انجيڪشن جي سرنج سان پاڻي ڀرجي



8. شيشيءَ کي چڱيءَ طرح سان لوڏجي، تہ جيئن پائوڊر پاڻيءَ ۾ مڪمل طور تي ڳري وڃي



9. هاڻ سرنج ڀريو



10 سرنج مان مڪمل طور تي هوا ڪڍي ڇڏيو



**اهو ڪم ايتري خيال سان ڪجي تہ جيئن نيڊل کي ڪا بہ شئي جهڙوڪ: اسپرٽ وارو پهو بہ لڳي نہ سگهي. جيڪڏهن اتفاق سان نيڊل توهانجيءَ آڱر يا ڪنهن ٻيءَ شئي سان لڳي پوي تہ ان کي ٻيهر اوٻارجي.**

# انجيڪشن ڪٿي هڻجي

انجيڪشن هڻڻ کان اڳ۾ **صابڻ سان هٿ ملي صاف ڪجن**.

هميشہ انجيڪشن سٿر جي **مٿئين چوٿاڙ** جي مشڪ ۾ هڻڻ بهتر سمجهي وڃي ٿي.



**خبردار:** چمڙيءَ ۾ ڪنهن بہ اهڙي هنڌ انجيڪشن نہ هڻجي جتي انفيڪشن، خارش يا داڻا هجن. ابهمن ۽ ٻارڙن جي ڍنڍڙ ۾ انجيڪشن هڻڻ بجاءِ ران جي مٿئين ٻاهرئين حصي ۾ هڻجي.



## انجيڪشن ڪيئن هڻجي:

1. ڪل کي صابڻ ۽ پاڻيءَ سان ڌوئي صاف ڪجي (يا الڪوهل سان اگهي اها بہ پڪ ڪجي تہ الڪوهل سڪي وڃي تہ جيئن گهڻو سور ٿي نہ سگهي) پوءِ انجيڪشن هڻجي.



2. سڄي نيڊل سڌيءَ حالت ۾ هڻجي (جڏهن هڪ ئي دفعي سان سڄي نيڊل اندر هلي وڃي تڏهن گهٽ سور ٿئي ٿو)



3. دوا جسم ۾ اماڻڻ کان اڳ۾ دستي کي ٿورو ٻاهر ڇڪي ڏسجي (جيڪڏهن سرنج ۾ رت اچي تہ سئي ڪڍي ڪنهن ٻئي هنڌ هڻجي).



4. جيڪڏهن رت نہ ٿي اچي تہ سڄي دوا آهستي آهستي اماڻي ڇڏجي



5. نيڊل ڪڍي ڪل کي وري بہ صاف ڪري ڇڏجي



6. انجيڪشن هڻڻ کان هڪدم پوءِ سرنج ۽ نيڊل کي پاڻي ۾ ڌوئي صاف ڪري ڇڏجي. اڳ۾ سرنج سان پاڻي ڀري نيڊل رستي خارج ڪري صاف ڪجي. پوءِ هر هڪ حصي کي الڳ الڳ ڪري ڌوئجي. ٻيهر استعمال ڪرڻ کان اڳ۾ سرنج ۽ نيڊل کي اوٻارڻ گهرجي.

# انجيڪشن ٻارن کي ڪيئن ٿي معذور ڪري



اڌ رنگي ۾ مبتلا ٽن ٻارڙن مان هڪ کي اهڙي تڪليف انجيڪشن سبب پيدا ٿئي ٿي

**صحيح استعمال ڪيون وڃن ته ڪيترين دوائن جون انجيڪشنون، صحت لاءِ ڪارائتيون ثابت ٿين ٿيون.**

ڪيتريون اهڙيون وئڪسينون جيڪي انجيڪشن رستي هنيون وڃن ٿيون، ٻار جي صحت جو بچاءُ ڪن ۽ کين معذور ٿيڻ کان بچائين ٿيون. جڏهن ته پولئي جي امڪان کي گهٽ ڪرڻ لاءِ سڀ کان بهتر ڳالهه اها ئي آهي ته جڏهن ٻار کي بخار ۽ زڪام جون نشانيون هجن ته ڪيس ڪنهن به قسم جي وئڪسينيشن يا انجيڪشن نه هڻجي جو ممڪن آهي ته اهي، هلڪي پولئي جون نشانيون هجن جنهن ۾ اڌ رنگو به ٿيندوآهي پر، اهڙين حالتن ۾ انجيڪشن هڻڻ سان پوليو، دائمي اڌرنگي ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو. ڪن ماهرن جو چوڻ آهي ته، ائين هر سال ڪيترائي هزارين ٻار پولئي جي حالت ۾ انجيڪشن هڻائڻ سبب معذور ٿي وڃن ٿا. جڏهن ته اهڙين ڪيترين انجيڪشنن هڻڻ جي ضرورت به ناهي هوندي.

انجيڪشن سبب ٻار ڪيئن معذور ٿي وڃن ٿا، ان جي وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ”معذور ڳوٺاڻا ٻار“ باب 3 پڙهو.

غير ضروري انجيڪشنن جي خطرن کان ماڻهن کي واقف ڪرڻ لاءِ ڏسو **”هيلٿ ورڪرن جي سکڻ ۾ مدد“** (باب 18، 19 ۽ 27)

# اوزارن کي جيوڙن کان پاڪ صاف يا اسٽرلائيز ڪيئن ڪجي

ڪيتريون اهڙيون وچڙندڙ بيماريون، جهڙوڪ ائڊس (ڏسو ص. 399)، هيپٽائيٽس (ڏسو ص. 172) ۽ ٽيٽنس (ڏسو ص. 182) هڪ بيمار شخص کان صحتمند ماڻهوءَ تائين انجيڪشنن جي سرنجن، سُئين ۽ ٻين اوزارن رستي جيڪي سٺيءَ طرح سان صاف نه ڪيا ويا هجن، پکڙجي سگهن ٿيون. (اهڙن اوزارن ۾ ڪنن ٽوپڻ جون سيون / اوزار، اڪوپنڪچر جون سيون، ڏينيوڙين ڪيڻ لاءِ استعمال ۾ ايندڙ سيون ۽ طهر ڪرڻ لاءِ ڪتب ايندڙ پاڪيون وغيره به اچي وڃن ٿيون). **جنهن سبب چمڙيءَ جي ڪيترن قسمن جون بيماريون ۽ ناسور ٿي پون ٿا. تنهنڪري جڏهن به کل ٽوپي وڃي ته ان لاءِ جيوڙن کان پاڪ صاف اوزار استعمال ڪرڻ گهرجن.**

اوزارن کي پاڪ صاف / اسٽرلائيز ڪرڻ جا ڪجهه طريقا آهن:

- 20 منٽن تائين اوٻارڻ (جيڪڏهن واچ نه هجي ته پاڻيءَ ۾ چانور جو هڪ يا به داڻو وجهي ڇڏجي. جڏهن چانور رڌجي ويندا ته اوزار به جيوڙن کان پاڪ صاف ٿي ويندا).
- يا 15 منٽن تائين پريشر ڪڪر ۾ ٻاڦائڻ (يا آٽو ڪلئيو ۾ رکڻ).
- يا 20 منٽن تائين، ڪلورين بليچ جي ڳار ۾ (ڪلورين بليچ هڪ حصو + 7 حصا پاڻي) يا 70 سيڪڙي اٿنول الڪوهل ۾ وجهي ڇڏڻ. جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي ته روزانو تازا ڳار ناهجن. چو ته، رکي ڇڏڻ سان انهن جو اثر گهٽجي وڃي ٿو. (انجيڪشن کي اسٽرلائيز ڪرڻ لاءِ منجهس اهڙو ڳار وجهي اهو پچڪاريءَ جي صورت ۾ خارج ڪري ڇڏجي).

جڏهن توهان ڪنهن اهڙي فرد جي مدد ڪندا هجو جنهن کي ڪا وچڙندڙ بيماري هجي، تڏهن پنهنجا هٿ به هر هر ملي صاف ڪندا رهو.